ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

# هريسنگهہ تاجر ڪتب

سنڌ ۾ برطانوي راڄ ۾ سن ١٨٥٣ع ۾ جديد سنڌي آئيويتا جي تشڪيل بعد جيئن ئي طباعت ۽ اشاعت جو دور شروع ٿيو. تيئن ئي سرڪاري ڇاپخانن کان علاوه خانگي ڇاپخانا پڻ قائم ٿيڻ لڳا. خانگي ڇاپخانن جي سرپرستن مان ڪي اهڙا مخلص ۽ مانائتا انسان هئا، جن پنهنجي ڌنڌن کي نہ رڳو ڪمائي ۽ ڪاروبار ڪري ڄاتو، پر انهن جي وسيلي پنهنجي زبان جي ترقي، ادب جي خدمت ۽ تاريخ توڙي ثقافت جي تحفظ کان علاوه هر قسم جي علم کي فروغ ڏيئي، ڏيهي ماڻهن جي دانش ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ڪرڻ، پنهنجي اهم علمي ۽ سماجي ذميواري محسوس ڪئي. اهڙن جڳ ملوڪ ماڻهن جي عملي ڪارنامن سبب ئي اڄ اسان جي زبان جو ادب ۽ اتهاس زنده جاودان آهي ۽ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو رهي ٿو.نهايت افسوس سان ان ڳالهہ جو اظهار ڪرڻو ٿو پوي تہ انهن جڳ ملوڪ ماڻهن کي تاريخ جي ورقن ۾ ڪا بہ جاءِ ڪونہ ڏني ويئي آهي. اهڙن جڳ ملوڪ ماڻهن ۾ هڪ شڪارپور وارو منشي پوڪرداس ٿانورداس هو تہ ٻيو سکر جو ماستر هريسنگهہ انهن ٻنهي جڳ ملوڪن لاءِ پير علي محمد راشدي لکي ٿو تہ: سنڌي زبان جي ڪا بہ تاريخ اوستائين مڪمل ٿي ڪانہ سگهندي، جيستائين ان ۾ سنڌيءَ جي انهن ٻن محسنن، يعني پوڪرداس ۽ هريسنگهہ جو ذڪر نہ هوندو.[١]

هريسنگهہ جڏهن کان پنهنجي ڪاروبار جو آغاز ڪيو، تڏهن کان تعليم، طب، علم، ادب، اخلاقيات، مذهبيات، تاريخ، ثقافت ۽ سماج جهڙن موضوعن تي هزارين ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائين. سنڌس

خدمتن جي اختيار ڪيل انداز تي ڪيس داد ڏيڻو پوندو. جيتوڻيڪ پاڻ سخت ڌرمي ڌيان گيان وارو ۽ آريا سماجي اڳواڻ هو. آريا سماج سان گهرو واسطو ۽ وابستگي رکندڙ هو. مگر ڪاروبار جي آڏو نہ ڪنهن ڪيني ۽ ڪدورت کي اچڻ ڏنائين نہ ڪنهن ويڇي کي ويجهو پيو. هرهڪ دين، ڌرم توڙي مذهب ۽ فرقي جا ڪتاب وڏي ادب ۽ احترام سان ڇپائيندو رهندو هو. سندس ڇپايل ڪتابن جا لکندڙ بہ وٽس بنا ڪنهن ڀيد ڀاو جي پنهنجي محنت ۽ معيار موجب مجتا ماڻي ويندا هئا. هن پنهنجي ڪاروبار ۽ ڪتابن جي اشاعتي اداري جي برپا ڪرڻ وقت پَڪَ سان ڪي آدرش ۽ اصول آڏو رکيا هوندا.جن جي پيروي ۽ پٺ ڀرائي ڪندي وڏو ناماچار حاصل ڪيائين.

هن جي ذاتي زندگيء متعلق خبر پوي ٿي تہ هو ۱۸۵۷ع ۾ ڏنگومل جي گهر ڄائو هو.[۲] سندس جنم وارو سال ۽ سن هندستان جي تاريخ جو نہ وسرندڙ سن آهي، ڇاڪاڻ جو ان ئي سال بلوي واري باهہ ڀڙڪي پيئي هئي. ڇيو ويجي ٿو تہ هريسنگهہ سکر ۾ ئي وديا ورتي ۽ سکر ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. هن جي سچائپ ۽ شهرت جو سبب نہ ڪي ڌرمي خدمتون آهن ۽ نہ آريا سماجي اڳواڻي هئي. هن جي شهرت جو ڪارڻ سندس ڪاروباري خدمتون ئي رهيون. جتي بہ "هريسنگهہ اينڊ سنس تاجر ڪتب سکر" جو ڪتاب پهتو اتي هو ڄاتو ويو ۽ جيسين جڳ ۾ هن جو ڇپايل ڪتاب قائم آهي، تيسين هو بہ زنده رهندو. هن پنهنجو ڪاروبار ڪڏهن شروع ڪيو هو، تنهن لاءِ "سنڌي نثر جي تاريخ" جو مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا ۱۸۸۵ع جو سال ٻڌائي ٿو.[۳] اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر الهہ رکيو ٻٽ صاحب لکي ٿو تہ: "هريسنگهہ کي ۱۸۸۰ع کان ڪتابن لکڻ ۽ ڇپائڻ جو شوق ڄاڳيو. ابتدا ۾ خاص ڪري سنڌي نصابي ڪتاب لکڻ جو خيال ڪيائين.جن کي ڇپائڻ لاءِ ڇاپخانن جي گهٽي گهرج هئي. هن پنهنجي پبلشنگ جو آغاز بہ پنهنجي ڪتابن سان ۱۸۸۳ع ۾ ڪيو. هن پهريون ڪتاب سنڌي انگريزي جدول ڇپايو، جو ۱۴ صفحن تي مشتمل هو. ڪتلب جون بہ هزار ڪاپيون ڇپايون ويون ۽ ان وقت ان جي قيمت

فقط هڪ آنو مقرر ڪيائين. پهرين ڪتاب جي ڪاميابي هن لاءِ حوصلہ افزا ثابت ٿي، جنهن ڪري ٻہ ٻيا ڪتاب هرهڪ "آفريڪا ۽ آمريڪا جي مختصر جاگرافي" ١٨٨۴ع ۽ "ايشيا ۽ يورپ جي جاگرافي" ١٨٨۴ع ڇپائي پڌرا ڪيائين."(۴)

هريسنگهہ هڪ ٻئي ليکڪ نالي عبدالجبار سان گڏ هڪ نصابي ڪتاب هندستان جي مختصر سڌريل جاگرافي جي نالي لکيو، جو ١٨٨٦ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين. هي پنهنجا ڪتاب لاهور آگره ۽ بمبئي جي ليٿو پريسن مان ڇپائيندوهو. دور دراز ديسن ڏانهن اچڻ وڃڻ جي تڪليفن سبب هن ڊسمبر ١٨٨۴ع ۾ هڪ ٻي پبلشر نالي آئل مل سان گڏجي ٻہ "سڌريل دنيا جي جاگرافي" نالي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيائين. ڊاڪٽر الهرڪيي ٻٽ صاحب جي بقول هريسنگهہ ١٨٨٦ع تائين فقط نصابي ۽ تعليمي ڪتاب ڇپايا. بعد ۾ هن مقامي ڇاپخاني "ويلس پريس سکر" جي منتظمين سان معاملا ۽ معاهدا ڪري طباعت جي تڪليفن ۾ ڪمي آڻڻ ڪان پوءِ ڪن ٻين عنوانن ڏانهن بہ رغبت ڪي ورتايو ۽ ١٨٨٦ع ۾ روايتي طبي ڪتاب "گلدستہ حڪمت" جي نالي ڇپائي پڌرو ڪيائين. جيڪو رتيديري جي هڪ اسڪول جي استاد محمد بچل سان گڏ لکيو هئائين.(۵) ائين هن مختلف موضوعن تي ڪتاب ڇپرائي پنهنجي ڪاروبار کي وڏيڪ وسيع بڻايو. جنهن ڪري هنجي اپت ۽ آمدنيءَ ۾ وڏيڪ واڌارو ٿيو. انهيءَ دوران هن ڪتابن جي ڪاپين جي تعداد ۾ ڪجهہ ڪمي آئي هرهڪ ڪتاب جون ساڍا ست سئو ڪاپيون ڇپائيندو هو. هن جي ليٿوگرافي ۾ ڇپجندڙ ڪتابن جي ڪتابت ماستر قنبر علي شاه معصومي ڪندو هو.

ڊاڪٽر الهرڪيي ٻٽ صاحب جي هڪ راءِ وڏو ڏيان لهڻي ٿي، سا آهي تہ "هريسنگهہ ڪو شوقيہ پبلشر نہ هو، پرهڪ ماهر ۽ مالدار پبلشر هو. جنهن پنهنجو ڌنڌو قديم قاعدن ۽ قانونن مطابق وڌايو ۽ سنواريو. هن اسڪولي ڪتابن تي سيڙپ ڪئي، جنهن لاءِ ڪيس اها ڄاڻ هئي تہ نصابي ڪتابن جي تمام گهڻي گهرج موجود هئي، جن جي ڇپائي ۽ اشاعت مان چڱو ناڻو حاصل ٿي سگهي ٿو.(٦) هريسنگهہ بعد

۾ هر هڪ موضوع تي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا. سندس دڪان سکر جي شاهي بازار ۾ هو. هن سٺ ورهين جي ڄمار ۾ ١٩١٧ع ۾ ديهانت ڪيو. هن پنهنجي پوين لاءِ دڪان ۽ ڪاروبار کان علاوه ٻي بہ وڏي جائداد ڇڏي. هن جي جهان ڇڏڻ کان پوءِ سندس پٽ ڪاروبار کي قائم رکندا آيا. هنن پنهنجي پيءُ جي نالي سان ئي ڪاروبار پئي هلايو ۽ ايستائين اهو سلسلو هليو، جيستائين ١٩۴٧ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ هندن جي لڏپلاڻ سبب اهو ادارو بہ اختتام کي پهتو.

اسان هن کان اڳ ماستر هرينسگهہ جي رڳو اشاعتي خدمتن تي روشني وڌي آهي. سندس سماجي خدمتون بہ يادگار آهن. هندستان ۾ سنڌي زبان جي انهن ٻن پبلشرن پوڪرداس ۽ هريسنگهہ وانگر اردو زبان جي علمي ذخيرن کي اشاعت هيٺ آڻيندڙ منشي نولڪشور بہ وڏي شهرت جو مالڪ ٿي گذريو آهي. هن جي طباعت ۽ اشاعت جي خدمتن کان علاوه ذاتي ۽ سماجي خدمتن جي بہ ڄاڻ پوي ٿي. منشي نولڪشور وڏي جدوجهد ۽ جانفشاني سان مختلف مرحلن مان لنگهندي اردو زبان جي ترقي جا پاڳي پائيوار ڪئي، سا ڪڏهن بہ فراموش ٿيڻي نہ آهي. سندس خدمتن کي اردو ادب جي تاريخ جي ليکڪ رام بابو سڪسينہ پنهنجي تصنيف "اردو ادب کي تاريخ" ۾ نهايت خوش اسلوبي سان بيان ڪيو آهي. انهيءَ کان علاوه منشي نولڪشور جي ذاتي زندگي ۽ اشاعتي خدمتن توڙي سماجي خدمتن جي اعتراف ۾ قاضي احمد ميان صاحب اختر جهونا ڳڙهيءَ هڪ مقالو لکيو هو. جنهن ۾ هن مفصل طور منشي نولڪشور جي ڄاڻ ڏني هئي. ٻنهي صاحبن جي تحريرن جي مطالعي مان معلوم ٿيو آهي تہ، ان دور جي مجموعي حالتن جو اردو ۽ سنڌي زبانن جي ڇاپخانن ۽ اشاعت گهرن تي يڪسان اثر پيل نظر اچي ٿو. انگريز سرڪار جي بدلجندڙ ايڪٽن ۽ اصولن جي پابندي، مواد جي ڇپائي وارا ڪٺن مرحلا، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ سفر جون صعوبتون، موضوع ۽ مضامين جي هڪجهڙائي ٻولين جي ترقي جو اونو وغيره اسان کي منشي نولڪشور ۽ ماستر هريسنگهہ جي خدمتن ۾ ڪي

هڪجهڙايون بہ محسوس ٿيون آهن. جهڙوڪ پنهي ۾ وڏي هم آهنگي ادب ۽ اتهاس جي اشاعت آهي. ان ڪان علاوه سماجي بهتري ۾ ڀاڱي ڀائيوار جهڙوڪ منشي نولڪشور جو لکنؤ ۽ الھ آباد جي ميونسپالٽين جو ميمبر چونڊجڻ، ائين ئي وري ماستر هريسنگھ جو سکر ميونسپل لاءِ ميمبر چونڊجڻ. ماستر هريسنگھ آريا سماج جو بہ سرگرم ڪارڪن هو. آريا سماج جو باني ديانند سرسوتي هو، جو ١٨٢٤ع ۾ ڪاٺياواڙ ۾ ڄائو. سندس آريا سماج تحريڪ زور وٺندي ويئي. ١٨٨٨ع ۾ ماستر هريسنگھ سکر ۾ آريا سماج جو دفتر کوليو.[٧] هو سکر ۾ آريا سماج جو صدر بہ رهيو. منشي نولڪشور جا پنهنجي زندگي جا لڳ ڀڳ پنجٽيھ سٺيھ سال علمي- اشاعتي خدمتن لاءِ وقف ڪرڻ ائين ئي ماستر هريسنگھ جا بہ ابتدائي ورهيہ اشاعتي خدمتن لاءِ صرف ٿيل ڏسجن ٿا. انهن اثرن مان ڪن لڳ لاڳاپن جو ظاهر ٿيڻ آهي. هڪ ئي ملڪ جي ماڻهن ۾ پنهنجي زبانن ۽ سماج جي ترقي لاءِ هڪجهڙين نوعيتن جون خدمتون اتساھ جو اهڃاڻ بہ آهن. جيسين اردو ۽ سنڌي زبانون زنده آهن. تيسين منشي نولڪشور، مسٽر پوڪرداس ٿانورداس ۽ ماستر هريسنگھ مرڻا ڪونہ آهن.

## حوالا


١- راشدي علي محمد پير، اهي ڏينهن اهي شينهن، ج - ١، ص ٢٤٢، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

2_ Butt Allah Rakhio: "The Nineteenth Century Book Trade in Sindh" Thesis submitted for the Degree of Doctor of Philosophy of the University of Wales Aberystwyth 1988, P. 110.

٣- الانا غلام علي ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، ص ١٤، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٧٧ع.

٤- ڏسو حوالو ٢، ص ١١١.

٥- حوالو ساڳيو.

٦- ايضاً.

٧- مولائي شيدائي: تاريخ سکر، ص ص ٣٢٩ ۽ ٣٣٠، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ١٩٩٢ع.